# مرزا قيلچ بيگ جي ٻارن لاءِ لکيل ڪھاڻين ۾ مثبت لاڙا

# Positive Trends in Mirza's Stories Written for Children

منير حيدر لغاري

## Abstract:

Mirza Kalich Beg is the most strong and dynamic personality of prose in the history of Sindhi literature. He was a prominent scholar in 18th and 19th centuries, who tried his hand at every genre of Sindhi literature. Mirza Kalich Beg always wrote purposefully and according to the need of the hour, based on research. He planned and took pen to fill the gap in prose in Sindhi literature from every literary genre – language, agriculture, occult, science, and astronomy to children's literature. Here, planning means filling the gap in literature to get certain results, meaning that Mirza Kalich Beg presented famous stories of world literature not only in the Sindhi language but also colored them in local culture. The selection of that particular children's literature serves the purpose of children's mental growth, reformative, creative and thoughtful inclination, fondness for literature, language skills, interest in education, and knowledge of useful rules of everyday life. Importance of children's literature can't be denied even in today's modern scientific era. It still has the same importance in every society today. However, the needs of current period cannot be denied. Ancient children's literature revolved around the stories of ghosts, witches, fairies, magicians, princesses, and princes while its scope is broadened to science and sociology in today's modern times. But, the trends of ethics and humanism that have occupied central place in both old and modern literatures are and will remain same. Science fulfills the needs of life's survival whereas literature brings the qualities of ethics and collective life. Science does not compete with literature. No matter where the world of technology reaches, but ethical and humanistic values will have their basic worth. Similarly, children's literature has a lot of importance in children's mental growth. Different kinds of scientific inventions from 19th to 21st centuries have undoubtedly changed the way of life, but ethical values have not changed from that period to present. Those positive trends still have basic importance in a healthy society. Mirza's children's literature also fulfills those needs.Through this study we will determine the usefulness of Mirza's children's literature in present time.

سنڌي ادب جي تاريخن جي جائزي مان خبر پوي ٿي تہ انگريزن جي دور 1853ع ۾ موجوده رسم الخط رائج ٿيڻ کانپوءِ سنڌي نثر جي باقائدي شروعات ٻاراڻي ادب سان ٿي آهي. سنڌي ادب ۾ ٻاراڻي ادب جي کوٽ کي محسوس ڪندي تخليق سان گڏ ترجمي تي بہ زور ڏنو ويو هو. ڪيترين ئي آکاڻيون ٻين ٻولين مان سنڌي ٻولي ۾ ترجمو ٿيون ۽ تخليق جو سلسلو بہ جاري رهيو. انهن شروعاتي ليکڪن مان منشي اڌا رام ٿانورداس، منشي ننديرام ميراڻي، غلام حسين قريشي، ميران محمد شاهہ، پرڀداس رامچنداڻي، ڪوڙيمل چندن مل کلناڻي، ڪيولرام سلامت راءِ، هاسارام، سوڀراج ڏاسواڻي، روچيرام گجو مل، احمد خان جلباڻي، ٿهلرام لوڪو مل پنواڻي ۽ مرزا قليچ بيگ آهن.مرزا قليچ بيگ جون ٻاراڻي ادب ۾ ڪيل خدمتون بنيادي حيثيت رکن ٿيون. سندس لکيل ڪهاڻين ۾ ٻارن لاءِ شوق، چاهہ، تجسس ۽ چاهہ سان گڏوگڏ تخليقي، تحريري، اصلاحي،اخلاقي لاڙا موجود آهن. مرزا صاحب جي ڪهاڻين جو جيڪڏهن جائزو وٺبو تہ مرزا صاحب جي ٻاراڻي ادب ۾ فطرت ، سماج، حق، ناحق، ظلم، ٻارن جي سوچ ويچار اٿڻ ويهڻ، چال چلت، بهادري ۽ بردباري جا سڀ رنگ شامل آهن. جنهن سان ٻار جي اهڙي تہ تربيت ٿئي ٿي، جو اهو اڳتي هلي معاشري لاءِ هڪ بهترين انسان ثابت ٿئي ٿو. هن مقالي ۾ مرزا صاحب جي ڪهاڻين ۽ آکاڻين ۾ اهڙن ئي عنصرن جو جائزو ورتو ويو آهي. ٻارن جي سوچڻ سمجهڻ جي قوت کي نظر ۾ رکندي مختلف عالمن ۽ اسڪالرن ٻارن کي عمر جي مطابق الڳ الڳ گروپن ۾ ورهايو آهي. ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي انهن کي مکيہ ٽن حصن ۾ ورهائي ٿو:

“ ٻين ودوانن بہ ٻارن جي اوسٿائن کي پنهنجي پنهنجي نموني پئي ورهايو آهي. انهن راين جي آڌار تي ٻال اوسٿائن کي مکيہ روپ سان ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي:

(1)ششوُ اوسٿا - ٽن کان ڇهن ستن سالن تائين.
(2)ٻال اوسٿا - ڇهن ستن سالن کان تيرهن سالن تائين.
(3)ڪشور اوسٿا - تيرهن چوڏهن سالن کان سترهن سالن تائين.

مٿين ٽن عمر گروپن کي خيال ۾ رکندي ٻال ساهتيہ کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: شِشُو اوسٿا لاءِ شِشُو ساهتيہ، ٻال اوسٿا لاءِ ٻال ساهتيہ ۽ ڪشور اوسٿا لاءِ ڪشور ساهتيہ." (1)

هن مقالي ۾ اپياس ڪيل ڪهاڻيون جنهن ۾ پٽيل اکيون ۽ پوريل اکيون، سگهڙپائي ۽ ڇيڄرائي، مصيبت جي وقت صبر تحمل، شمرانہ عرف شيطان جي ناني، پاءُ ۽ پيڻ، ڏکن مان سک شامل آهن. جيڪي ٻال ساهتيہ ۽ ڪشور ساهتيہ جي دائري اچن ٿيون جن جو جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

## پٽيل اکيون ۽ پوريل اکيون:

هي ڪائنات فطرت جي رنگن سان ڀري پئي آهي بس ان کي محسوس ڪرڻ ان جي پرک رکڻ وارو هجي تہ انسان ان مان پيو جاڻ وٺندو ۽ لطف اندوز ٿيندو. هن حياتي ۾ مشاهدي ۽ تحقيق کي وڏي اهميت حاصل آهي سائنس جي ايڏي وڏي پيش قدمي مشاهدي ۽ تحقيق جي عمل جو نتيجو آهي. مذهب اسلام ۾ پڻ تحقيق جو درس ڏنو ويو آهي قرآن شريف ۾ تحقيق ڪرڻ جي بار بار تلقين ڪئي وئي آهي. فلسفي جي شروعات پڻ سوچڻ سان ٿئي ٿي. مرزا صاحب جي هي ڪهاڻي ٻارن ۾ مشاهدي جي قوت کي اجاگر ڪرڻ ۾ تمام گهڻي لاياڻتي ثابت ٿيندي، اسان جي آسپاس جو ماحول فطرت جي هزارين رنگن سان ڀريل آهي ۽ پرکڻ وارن لاءِ ڪيئي ڳجهہ سمايل آهن. "پٽيل اکيون ۽ پوريل اکيون" ماستر، خانو ۽ جانو جي ڪردارن تي ٻڌل آهي، نصيحت ڀري ۽ مثبت لاڙن کي هيءِ وتائيندڙ ڪهاڻي آهي. هڪ پاسي خانو جيڪو محسوسات ۽ مشاهدي جي قوت کان وانجهيل هوندو آهي سو ماستر جي پڇا تي پنهنجي سفر جو سڄو حال بيزاري وارو ٻڌائي ٿو ۽ ان جي جڳهہ تي سندس ٻيو دوست جانو جيڪو پرکڻ پروڙڻ سوچڻ سمجهڻ جي قوت سان هر منظر جو مشاهدو ڪندي لطف اندوز ٿيندو آ. جنهن جو ذڪر ڪهاڻي جي ڪجهہ سٽن ۾ هن ريت ڏنل آهي:

"هڪڙي ڏينهن ماستر پنهنجي هڪڙي شاگرد کان پڇيو تہ "خانو! اڄ تون ڪيڏي گهمڻ ويو هئين؟" هن ورندي ڏني تہ "سائين، درياءَ ڏي ويو هوس. پوءِ ٽڪر

جي مٿان انجڻ ڏسندو ۽ ڪناري وارن باغن مان گهمندو موٽي گهر آيس ”.ماستر چيو تہ “مزي جهڙي هوا ڪائي ۽ مزا ڏسندو آيو هوندين؟ “ خانو چيو تہ “سائين، ڪوئي مزو ڪونہ هو، سچ جو پنڌ هو. ڪوبہ ماڻهو مون کي ڪونہ گڏيوانهيءَ کان شاهي سڙڪ ڏيئي وجان ها تہ چڱو هو.”(2)

ٻارن ۾ مشاهدي جي کوٽ جيڪا ان جي گهرو ماحول ۽ تربيت جو اثر هوندو آهي ٻئي پاسي خانو جي جڳہ تي جانو پنهنجي سفر جو احوال هن طرح ڏيئي ٿو:

“ماستر چيو تہ اجهو جانو بہ ٿو اچي. ڪيئن جانو تون ڪٿي هوئين؟، هن چيو تہ “سائين درياءَ جي پاسي گهمڻ ويو هوس، پر ڏاڍا مزا هئا، جهنگ ئي جهنگ ڏيئي، گاهن منجهان لنگهي درياءَ تائين ويس. اتان وري ٽڪر جي چوٽي تي انجڻ ڏسڻ ويس. اتان وري درياء جو ڪنارو ڏيئي، ٻنيءَ منجهان لنگهندو گهر آيس ”.ماستر چيو تہ “اتان تہ خانو بہ گهمي آيو آهي. چوي ٿو تہ ڪوبہ مزو ڪونہ هو سچ جو پنڌ هو ۽ هو سڙڪ سان وڃڻ کي وڌيڪ پسند ٿو ڪري؟ جانو چيو تہ اها حيرت جي ڳالھ آهي، مونکي تہ هر هڪ قدم تي خوشي حاصل پئي ٿي. آئون عجيب غريب شين سان پنهنجو رومال ڀري گهر آيو آهيان.”(3)

مرزا صاحب جي هن آکاڻي منجهان ٻارن کي مشاهدي جي لاڙي سان گڏ اردگرد جي ماحول ۾ جاندار توڙي بيجان شين جي ڄاڻ ملي ٿي ,هن آکاڻي ۾ ٻوٽن ۽ گاهن ۾ ٻي پاڙي ول “مفت خور جانور parasites”، سر، ڪانهن ، جهنگلي گل،چبر، ڊپ، ڳنڊير،لاٽي جو ذڪر آيل آهي، پکين ۽ جيتن ۾ وري ڪاٺ ڪٽو ٻٽيرو ٽيٽيھر، ابابيل، ڪونجون، اڇڙو تتر، ڪارڙو تتر، پاڻي جا پکي ٽوٻو ، ٽيٽا، ڪهنگ، سانهيون، هڻ کڻ نانگ، پاڻي جا ڪئا، پنيوريون، پوپٽ ان کان علاوه قديم قبا قبرن، ، ڪوڏ، سپيون ۽ سچ جي لهڻ واري منظر جو ذڪر ڪيل آهي. انهي آکاڻي جي آخر ۾ مرزا صاحب ان جو تت بيان ڪندي چئي ٿو.

“انهيءَ طرح دنيا ۾ هڪڙو ماڻهو اکيون ٻٽي ٿو هلي، ۽ ٻيو اکيون پوري ٿو هلي. هڪڙو گهڻو ئي ڪي ڏسي وائسي سگهي ٿو ٻيو ڪجھ بہ ڪين ٿو ڏسي يا ڄاڻي. مون سمنڊ جا گهڻا خلاصي ڏٺا آهن، جي دنيا جي گهڻن ڀاڱن تي ويا آهن، پر پڇڻ تي رڳو شراب خانن يا گتن جا ڏس ڏيندا ۽ شراب جو اگہ ٻڌائيندا. ساڳي طرح

گھٽائي جوان، دولتمند ماڻھو ملڪن جي سير تي نڪرن ٿا، جيڪا بہ مزي جي شي ڪانہ ٿا ڏسن، پر گھٽا اھڙا آھن، جو پنھنجي آسپاس ڀرواري ۾ بہ لڪين عجيب غريب شيون ٿا ڏسن.“ (4)

## سگھڙپائي ۽ ڇيڳرائي:

علم ھنر ھوشياري مھارت رکندڙ مرد ھجي يا عورت ان جو معاشري ۾ متاھون مان آھي. سنجيده مستقل مزاج سگھڙ عورت، جيڪا گھريلو نظام جي ڪاروھنوار کان بخوبي واقف ھوندي آھي، ۽ پنھنجي ذميوارين کي سٺي نموني سان نڀائيندي آھي. سٺن گھرن ۾ اھڙي قسم جي تربيت ٻارن کي ننڍي ھوندي کان ڏني ويندي آھي. مرزا صاحب جي ھن آکاڻي ۾ اھڙي ئي قسم جي اصلاحي تربيت جي سٺي ڄاڻ ملي ٿي. جنھن ۾ حسينا نالي ذھين ڇوڪري ھوندي آھي، پر سندس بيپرواھي ۽ بي ڌياني جي ڪري گھٽن ئي مسئلن کي منھن تي ڏنو. ماڻس گھڻو ئي ٿي سمجھايو پر ان جو ڪو فرق نٿي پيو نيٺ مجبور ٿي تربيت جي لاءِ ڳوٺ ۾ رھندڙ پوڙھي مائٽياڻي ڏي موڪليائين، جنھن وٽ بہ ڀريون رھنديون ھيون، ھڪ سٺي سياءُ واري تہ ٻي وري حرڪتي. ھڪڙي تنگ ٿي ڪيو تہ ٻئي وري مدد ٿي ڪئي، مرزا صاحب ھن آکاڻي ۾ ٻارن ۾ دلچسپي خاطر ھتي ٻن پرين کي شامل ڪري ٿو ھڪ سگھڙپائي تہ ٻئي ڇيڳرائي. ڇيڳرائي ھميشہ ھن جي ڪم کي مشڪل ٿي ڪيائين ۽ سگھڙپائي اچي انھي ڪم کي آسان ڪري ٿي ڏنائين. ھن آکاڻي جي مطالعي سان ٻارن ۾ اھو سگھڙائپ جو احساس پيدا ٿيندو ۽ ٻار ان طرف سوچڻ ۽ سمجھڻ شروع ڪندو جنھن سان ٻارن ۾ مثبت لاڙا پيدا ٿيندا. ھن آکاڻي جي آخر ۾ اھو پڻ سمجھايل آھي تہ سگھڙپائي زندگي کي آسان ڪري ٿي ڇڏي ۽ ڇيڳرائي ۾ رڳو مشڪلاتون آھن. ھن آکاڻي جي آخر ۾ پوڙھي، حسينا سان مخاطب ٿيندي چئي ٿي تہ:

“حسينا، ھاڻ تون ھوشيار ۽ سگھڙ ڇوڪري ٿي آھين. ھاڻ توکي معلوم ٿيو ھوندو تہ ڇيڳرائي مان ڪيتري نہ مشڪلات ۽ ڏکيائي پيدا ٿي ٿئي، سگھڙپائي ڪيتري نہ سولائي ۽ آساني موجود ڪري ٿي ڏي. ھاڻ اڳتي آئون توکي ڪو

مشڪل ڪم ڪين چونديس. تون سواءِ آزمائش جي مونکي اڳتي منهنجي ڪم ۾ مدد ڪري سگھندين.” (5)

## مصيبت جي وقت صبر تحمل:

هار جيت ناڪامي ڪاميابي زندگي جو حصو آهي. ڪڏهن ڪڏهن گھڻي محنت ڪانپوءِ بہ ڪاميابي ناهي ملندي اهڙي صورت حال ۾ انسان کي مايوس نہ ٿيڻ گھرجي بلڪ صبر ۽ تحمل سان ڪوشش ڪندو رهي جيسيتائين حاصلات نٿي ٿئي. اسان جي معاشري جوهڪ وڏو الميو اهو بہ آهي تہ هتان جي نوجوانن ۾ چڙواڳي، اپهرائي، بي صبري جا عنصر گھڻا ۽ تحمل، ثابت قدمي، مستقل مزاجي جي کوٽ عام جام آهي. انهيءَ جو ڪارڻ تربيت ئي آهي. هي ڪهاڻي اهڙي ئي نوجوان جي آهي جيڪو محنتي تہ هو پر صبر جي مادي جي کوٽ هوندي هئس، ڪوبہ ڪم ڪندو هو محنت ۽ چاهہ سان ڪندو هو پر جي ان ۾ ڪٿي رڪاوٽ ايندي هئي تہ ان کي منهن ڏيڻ جي بجاءِ ان ڪم کي اڌ ۾ ڇڏي ڏيندو آهي:

“هڪڙي ڏينهن اتفاق سان باغيچي جو در کليل رهجي ويو هو تنهن مان پاسي واري گھر منجهان ڪي پاليل سوئر لنگھي آيا، گلن ۽ ٻوٽن کي لتاڙي کوٽي خراب ڪري ڇڏيائون. جڏهن جارج جي هنن تي نظر پئي، تڏهن هن ۽ هڪڙي نوڪرهڪدم انهن کي هڪالي ڪڍيو. پر لنگھندي، هو جارج جي ٻاري کي لتاڙي پيچي ويا. جيڪي گل بينا هئا سي تہ ڪيرائي ڇڏيائون، پر وچ واري گلاب جي ٻوٽي کي بہ ڪيرائي هليا ويا. جڏهن جارج پنهنجي ٻاري جو ۽ خاص پنهنجي گلاب جو اهو حال ڏٺو تڏهن ڏاڍو ڪاوڙيو. چڙ ۽ ڏک کان کي بہ ڳالهائي نہ ٿي سگھيو. ٿورو وقت ماٺ ۽ غم ۾ ويهي ويهي، پوءِ ڪوڏر کڻي سڀ پڳل گل ۽ پٽيل ٻوٽا انهي ۾ پوري زمين کي سنئين ڪري، پوءِ اچي روئڻ ۾ ڇٽڪيو ۽ روئندو باغيچي مان نڪري هليو ويو.” (6)

سندس اهڙن ئي عادتن جي ڪري هن جو پيءُ هن لاءِ سدائين فڪرمند رهندو هو. هن جو پيءُ هن جي تربيت خاطر پنهنجي باغيچي مان هڪڙو ٻارو هن جي نالي ڪيو ۽ چيائين تہ هن ۾ جيڪو وڻ ٽڻي سو پوک ۽ ان جي سارسنڀال ڪجائين. انهيءَ

ٻاري ۾ هن وڏي محنت ڪئي ۽ جڏهن گل ڦل ميوا تيار ٿي ويا، هڪ ڀيري اتفاق سان باغيچي جو در کليل هو ۽ اچي سوئر نڪتا ۽ سڄي باغيچي کي وڃائي ويا، تنهن تي هن ڪاوڙ ۽ ڏک منجهان سڄي ٻاري کي ڊاهي هليو ويو. اهڙي رد عمل تي سندس پيءُ کي تمام گهڻي مايوسي ٿي ۽ هن پنهجي پٽ کي هڪ اهڙي شخص سان ملاقات لاءِ وٺي ويو جنهن پنهنجي سڄي زندگي مصيبتن کي منهن ڏنو ۽ جنهن کي عمر جي آخري حصي ۾ خوشي ملي. انهي شخص پنهنجي سڄي زندگي جو احوال ڏنو جنهن کان پوءِ ان ڇوڪري کي احساس ٿيو. اهڙو لقاءُ اسانجي جي معاشري ۾ بہ آهي اڄ بہ اسانجي معاشري جي نوجوانن ۾ اهڙي سياءُ جي گهٽائي آهي. هي ڪهاڻي ٻارن جي تربيت کان وٺي نئين ٽهي جي نوجوانن جي لاءِ پڻ اثرائتي آهي:

“مسٽر ڪارلٽن مسٽر هارڊمن جي شڪر گذاري ڪئي، جنهن پنهنجي حياتيءَ جو احوال هنن کي ڪري ٻڌايو، پوءِ هنن کان موڪلائي، پنهنجي پٽ جارج کي ساڻ وٺي، هو گهر آيو. رستي ۾ هن جي ڳالهہ منجهان هن کي ڪاوڙ مارڻ، مصيبتن ۽ مشڪلاتن تي صبرتحمل ڪرڻ ۽ محنت ڪرڻ جا سبق سيکاريندو آيو. ٻئي ڏينهن صبح جو هن ڏٺو تہ سندس پٽ سڄيءَ دل سان پنهنجي باغ ۾ بيٺو ڪوڏر هڻي، ۽ ڦٽل باغ ٺاهي”. (7)

## شمرانہ عرف شيطان جي ناني:

هي ڪهاڻي شمرانہ نالي ان چالاڪ دوکيباز عورت جي آهي جنهن جو ڪم ماڻهن کي بيوقوف بڻائي دوکي سان مال لٽي عياشي ڪرڻ هوندو هو. هي ڪهاڻي موضوع جي حساب سان تمام گهڻي دلچسپ ڪهاڻي آهي. چالاڪي، هوشياري حاضر دماغي جا ڪيئي رنگ ڏيکاريل آهن. ان عورت جو پڪڙجڻ وري انهي مهل پنهنجي ڍونگ چالبازي وسيلي جان ڇڏائڻ سندس ڪاٻي هٿ جو کيل هو شمراه کي تي ڏيئرون هيون سي بہ ماڻس کان گهٽ نہ هيون ماڻس سان ملي ڪري گهڻن ئي کي بيوقوف بڻائي لٽيو. انهن ئي لڇڻ جي ڪري حلب شهر منجهان نيڪالي ملي ۽ اچي بغداد ۾ رهيون، پر هتي بہ اهوئي رستو اختيار ڪيائون. پنهنجي چالاڪي جي

آڏار تي هڪ ئي وقت ۾ اڻ ڄاڻ ڇوڪري . دڪاندار ڌوٻي ۽ جت کي بيوقوف بڻائي سندن مال لٽي گم ٿيو وڃي ۽ جي ڪٿي پڪڙجو وڃي تہ پنهنجي حاضر دماغي سان اتي جو اتي اهڙي تہ چال وڙهي ٿي جو پڪڙڻ وارن کي غلام بڻائي خليفي وٽ وڪرو ڪري گم ٿيو وڃي:

"جت: حضور، آءُ تہ غلام ڪين آهيان، شُتربان آهيان.

ڌوٻي: آءُ بہ سائين، غريب ڌوٻي آهيان، ڪپڙا ڌوئيندو آهيان ۽ پنهنجن ٻارن جي پورهئي تي گذر ڪندو آهيان.

خليفو: ٻيڙي حاجياڻي جا اوهان جي مالڪياڻي هئي، شايد تنهن جي جدائيءَ کان اوهين اهڙيون ناراضپي ۽ رنج جون ڳالهيون ٿا ڪريو: پر اوهين بلڪل ڊڄو نہ. آءُ غلامن کي گهڻو پيار ڪندو آهيان. اوهين مون وٽ هر طرح خوش هوندؤ.

ڌوٻي: حضور، هوءَ زال اها ساڳي ٺڳ ۽ مڪار هئي، جا سيني کي ٺڳي وئي آهي ۽ اسين رُلي رُلي هن کي پڪڙي حضور وٽ فرياد کڻي آياسين. تہ من اسان جو ڪو انصاف ٿئي. پر هوءَ تہ پاڻ اسان کي ٻانهو ڪري وڪڻي ويئي آهي!" (8)

ڪهاڻي جي آخر ۾ جڏهن پڪڙجي ٿي ۽ خليفو مهاڻن کي شمراه کي درياءُ ۾ لوڙهڻ جو حڪم ڏيئي ٿو تہ رستي ۾ ئي مهاڻن کي بيوقوف بڻائي جان ڇڏائي ڪنهن ٻئي ملڪ وڃي ٿي ۽ آئنده اهڙي ڪم کان توبهہ تاعب ٿئي ٿي.

ڪهاڻي جيتري دلچسپ آ اوتروئي سبق آموز بہ آ. انهي ڪهاڻي جي مطالعي سان ٻارن کي اهڙن چالبازن ۽ انهن جي ڍنگن کان واقفيت ملندي. اسان جو معاشرو اهڙن ماڻهن سان ڀريو پيو آ وک وک تي چالبازي جا جار وڇايل آهن. ڀانت ڀانت جي نسلن جي آبادي سان هتي جو هر ماڻهو مشڪوڪ ٿو لڳي. انهي ڪهاڻي منجهان ٻارن کي اهڙن ٺڳڻ ۽ انهن جي سوچ کان آگاهي ملي ٿي.

## ڀاءُ ۽ ڀيڻ:

دنيا ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو رهن ٿا هڪڙا چڱا تہ هڪڙا برا چڱا هميشہ هر ماڻهو سان چڱايون ڪندا رهن ٿا تہ ٻئي پاسي خراب ماڻهو هميشہ ٻئي جي لاءِ برو سوچيندا رهن ٿا. برائي ڪندڙ ماڻهن کي ٻين کي نقصان ڏيڻ ۾ خوشي ملندي آهي

۽ هميشہ نقصان ڏيڻ جي لاءِ پيا منصوبا جوڙيندا آهن. پر انهن ماڻهن جو انت هميشہ خراب نڪرندو آهي. هن ڪهاڻي ۾ ٻارن کي چڱائي جو سبق ملي ٿو ۽ هن ڪهاڻي ۾ ماءُ جي اهميت جي خبر پئي ٿي جنهن جي وڃڻ کان پوءِ انسان ڪيترو اڪيلو ٿي ويندو آهي. هي ڪهاڻي ٻن يتيم ٻارن ڀاءُ ۽ ڀيڻ جي آهي جيڪي ماءُ جي وفات کان پوءِ ڏاڍا ڏکيا ڏينهن گذاريندا آهن. ڪو خيال رکڻ وارو نہ هوندو اٿن، پاڻ سڪل ماني تي گذارو ڪندا آهن:

"هڪڙي ڏينهن ڇوڪر پنهنجي ڀيڻ جو هٿ وٺي چيو تہ "ادي، امان جي مرڻ ڪانپوءِ اسان هڪڙو ڏينهن بہ سکيو نہ گذاريو آهي! سڪل مانيءَ جو ٽڪر ڪاڏي جي لاءِ ٿو ملي. ڪتو بہ اسان کان سکيو پيو گذاري. امان ويچاري اسان جو هھڙو حال ڏسي تہ جيڪر ڏاڍو ارمان ٿئيس ها. هاڻ بهتر آهي تہ هتان نڪري ڪنهن پاسي هليا هلون. هن کان وڌيڪ اسان جو خراب حال ٻيو ڪين ٿيندو." (9)

اهڙي ڏکي زندگي مان بيزار ٿي ڀاءُ، ڀيڻ کي انهي علائقي مان لڏي وڃڻ لاءِ چوي ٿو تنهن تي ٻئي ڀيڻ ڀاءُ انهي ڳوٺ مان نڪري جهنگ ۾ پهچن ٿا. اتي ڏائڻ جي جادو سان ڇوڪر هرڻ ٿيو پوي، ڀيڻ ڏاڍي ڏکاري ٿي ٿئي گهڻا سال گذري ٿا وڃن تان جو ڇوڪري جوان ٿيو وڃي ۽ سندس ڀاءُ اڃان انهي حالت ۾ هوندو آهي، انهي جهنگ ۾ بادشاہ شڪار خاطر اچي ٿو تہ اتي ڇوڪري جي ڀاءُ هرڻ جو پيڇو ڪندي ڇوڪري وٽ پهچي. بادشاہ حقيقت کان واقف ٿي ٻنهي ڀيڻ ۽ ڀاءُ کي محلات وٺي اچي ٿو ۽ ڇوڪري سان شادي ڪري ٿو. جڏهن ان جي خبر ان ڏائڻ کي پوي ٿي تہ راڻي کي نقصان رسائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي ۽ پنهنجي ڌي جي شادي بادشاهہ سان ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي پر ان ۾ ناڪام وڃي ٿي بادشاهہ کي حقيقت معلوم ٿئي ٿي تہ بادشاہ ڏائڻ کي مارائي ٿو ڇڏي تنهن تي راڻي جو ڀاءُ بہ هرڻ مان انسان جي روپ ۾ اچي ويندو آهي:

" تڏهن راڻيءَ ساري ڳالهہ ڪري ٻڌايس تہ انهي ڏائڻ ڪهڙي حرڪت ڪئي هئي. انهي تي بادشاہ ڏاڍو ڪاوڙيو. ڏائڻ ۽ سندس ڌي کي گهرائي قتل ڪرائي ڇڏيائين ۽ ڏيڏس جهنگ ۾ اڇلائي ڇڏيائين تہ پلي مرون کائينس. اجا ڏائڻ جو لاش سڙي رک مس ٿيو تہ سندس وڌل جادو بي اثر ٿي پيو ۽ ڪيل طلسم پڄي پيو. رڻ

هڪدم ڦري ماڻهو ٿي پيو. پوءِ هو پنهنجي پيءُ سان ۽ بادشاهه سان ورهين جا ورهيه خوش پيو گذاريندو هو." (10)

هن آکاڻي ۾ ڏائڻ جي جادو سان ان ڇوڪر جو هرڻ ٿي وڃڻ ۽ وري انسان ٿي وڃڻ ڪهاڻين ۾ اهڙا ڏيک ٻارن جو ڌيان ڇڪائڻ ۽ دلچسپي وڌائڻ ۾ سنا ثابت ٿيندا آهن جنهن سان ٻار ڪهاڻي سان جهٽ جهٽجيو وڃي.

## ڏکن مان سک:

ٻارن ۾ سٺن عادتن جو هجڻ ئي والدين جي اصل ڪاميابي آهي. عادتون سٺيون آهن ته مستقبل به سنو هوندو. عادتون سٺيون نه هونديون ته پلي ڪيترا به سنا وسائل هجن انهن کي تباهه ڪري ڇڏيندو. والدين جو وڏي ۾ وڏو ڪارنامون ٻارن جي اهڙي قسم جي تربيت ئي آهي جيڪا اڳتي هلي ٻارن کي بهترين عادتن جي مالڪ بڻائي ۽ جيڪا ٻار جي ڪامياب زندگي جو ضامن بڻجي. انهن بهترين عادتن ۾ ڪفايت شعاري به آهي . سنڌي ۾ ان متعلق ڪيتريون ئي چوڻيون آهن جئين سَوَڙ آهر پير ڊگهير، اهو ڪي ڪجي جو مينهن وسندي ڪم اچي.

هن ڪهاڻي جو به مرڪزي خيال فضول خرچي ۽ ڪفايت شعاري تي ٻڌل آهي. مرزا صاحب وٽ ڪفايت شعاري جي وڏي اهميت هئي ۽ انهي عنصر جي تربيت ۽ اصلاح ٻارن کي هن ڪهاڻي ذريعي ڏي ٿو. جنهن ۾ اهو ظاهر ڪيو اٿن ته فضول خرچي ڪين نه زندگي کي مشڪل بڻائي ٿي ۽ ڪفايت شعار ماڻهو نامناسب ۽ غير ضروري خرچ کان پاسو ڪري پنهنجي زندگي آساني سان صرف ڪري ٿو. ڪهاڻي ۾ اميري ۽ غريبي جا رنگ شامل آهن. جنهن ۾ جليل کي ورثي ۾ مليل مال ملڪيت جو ختم ٿيڻ، وري غربت ۾ گذران ڪرڻ، پندرنهن روپين واري نوڪري ڪري، گهر کي گروي رکي اڌار وٺي پنهنجي پٽ خليل کي تعيلم ڏياري ٿو ۽ ڪنهن جي اڳيان هٿ نه ٿو ٽنگي. غريبي ۽ مفلسي هڪ بيماري آهي، جنهن جو مکيه ڪارڻ فضول خرچي آهي ۽ ان جو علاج ڪفايت شعاري آهي. اسان جي معاشري ۾ اميري غريبي جي فرق انسان انسان کان پري ڪري ڇڏيو آهي ۽ عزت،

مان ۽ شان جو دارومدار پئسي تي آهي. مرزا قليچ بيگ انهي ڪهاڻي ۾ ان متعلق بيان ڪندي ڪين نہ ڏاهپ جا ڏس ڏي ٿو:

"غريبي ۽ مفلسي بہ ڪهڙي نہ خراب شئ آهي! اها انسان جون سڀ خوبيون گم ڪريو ڇڏي، هڪڙي پاسي شرافت، نجابت، علميت ۽ فضيلت، ٻئي پاسي دولت، خوشحالي ۽ ظاهري ڏيک. نہ ڪي دولتمند ماڻهو پنهنجي دولت ڪنهن ٻئي ڪي ورهائي ڏيندو وتي ۽ نہ ڪي غريب ماڻهو ٻين کان پئسا ڇڏائيندو وتي. مگر حيرت جي ڳالهہ آهي تہ سُکي ڪي سيڪو مان ٿو ڏئي، ۽ ڏُکئي ڪي حقير ٿو سمجهي!" (11)

خليل جي تعليم جو سفر بي اي تائين پهچي ٿو تہ سندس والد جليل گذاري وڃي ٿو ۽ مجبورن سوداگر حليم وٽ چاليهہ روپيا مهيني تي نوڪري ڪري ٿو جيڪا پگهار پنجاه روپيا مهينو تي پهچي ٿي. خليل ڪفايت ۽ قناعت کان ڪم وٺندي سڀ کان پهرين پنهنجي والد جو قرض لاهي ٿو ۽ گروي ڪيل پنهنجي اباڻي گهر کي آزاد ڪرائي ٿو. خليل وٽ پئسي جي اچڻ سان ئي سڄي ڳوٺ جي ماڻهن ۾ مٽي ماٽي ۽ همدردي ظاهر ٿيڻ لڳي. اڳتي هلي خليل جي شادي سندس هڪ ويجهي عزيز جميل جي نياڻي جميلان سان ٿئي ٿي. جميلان سٺي پڙهيل لکيل سگهڙ ڇوڪري هئي پر ان ۾ فضول خرچي جهڙو عيب هو جنهن جي ڪري خليل کي تمام گهڻو ڏکيو وقت ڏسڻو پيو. مرزا قليچ بيگ هن ڪهاڻي ۾ اهو پڻ سمجهائي ٿو تہ تربيت جي اصل خبر ساهرين گهر ۾ پوي ٿي:

"پيءُ ۽ ماءُ جي گهر ۾ ڏيُ کي ڪهڙي بہ تعليم ڏجي، ڪهڙو بہ ادب سيکارجي، ڪهڙي بہ هنر ۽ سليقي جي تعليم ڏجي، ڪهڙو بہ ادب سيکارجي، ڪهڙي بہ هنر ۽ سليقي جي تعليم ڏجي، تہ جيسين ساهرين گهر اچي پنهنجو ذاتي جوهر نہ ڏيکاري، ۽ پنهنجي علميت، خوش خلقي ۽ سگهڙپائي ظاهر نہ ڪري، تيسين انهيءَ جي چڱي ۽ بڇڙي هئڻ جي ڪابہ خبر نہ پوندي." (12)

هن ڪهاڻي ۾ جميلان ڏي اهي سڀ خوبيون هونديون آهن جيڪي ڪنهن سٺي زال ڏي هجڻ کپن. پر سندس ڏيکاءُ ۽ نون فيشن تي اجائي خرچ ڪرڻ جي عادت جي ڪارڻ ٻنهي تي تمام گهڻو ڏکيو وقت اچي ٿو. جواهري کان ڪرائي تي

ورتل سونيون چوڙيون سوداگر حليم جي ڌي جي شادي ۾ گم ٿي وڃن ٿيون. جنهن جي سبب تمام ڏکيو وقت اچي ٿو. اهو نقصان جميلان جي سياءُ ۾ تبديلي جو ڪارڻ بڻجي ٿو. جميلان ڪفايت شعاري، هٿ جو پورهيو ۽ سادگي واري زندگي گذاري جواهري جو قرض لاهين ٿا. آخر ۾ جڏهن جواهري ۽ سوداگر جي دعوت ڪن ٿا تہ انهن گم ٿيل چوڙين جو بہ راز کُلي ٿو جيڪو اصل ۾ سوداگر ۽ جواهري انهن کي صحيح دڳ لائڻ لاءِ ڪن ٿا. ڪهاڻي جي آخر ۾ اهو درس ڏنو ويو آهي تہ زندگي ۾ ڪهڙي بہ مشڪل اچي ان کي ڪفايت شعاري، نيڪ نيتي ۽ محنت سان دور ڪري سگهجي ٿو. هي ڪهاڻي ٻارن ۾ مثبت لاڙن جي تربيت جي حوالي سان بهترين ڪهاڻي آهي، جيڪا ٻارن کي زندگي ۾ پيش ايندڙ مسئلن ۽ ان جي حل جي ڄاڻ ڏي ٿي. ڪهاڻي جي مطالعي سان ٻار ان متعلق غور فڪر ڪندو ۽ ڪامياب گهريلو زندگي جي تربيت بابت ڄاڻ ملندي.

## حوالا:


1. بلوڻي ڊاڪٽر هوندراج، 2007ع "ٻال ساهتيہ" ڇاپو پيو، سنڌي ساهت گهر، حيدر آباد، ص33.
2. بيگ مرزا قيلچ، 2018ع پٽيل اکيون پوريل اکيون، ڇاپو ستون، ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ، ص3.
3. بيگ مرزا قيلچ، 2018ع پٽيل اکيون پوريل اکيون، ڇاپو ستون، ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ، ص3.
4. بيگ مرزا قيلچ، 2018ع پٽيل اکيون پوريل اکيون، ڇاپو ستون، ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ، ص11.
5. بيگ مرزا قيلچ، 2018ع پٽيل اکيون پوريل اکيون، ڇاپو ستون، ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ، ص16.
6. بيگ مرزا قيلچ، 2018ع پٽيل اکيون پوريل اکيون، ڇاپو ستون، ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ، ص17.
7. بيگ مرزا قيلچ، 2018ع پٽيل اکيون پوريل اکيون، ڇاپو ستون، ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ، ص28.
8. بيگ مرزا قيلچ، 2018ع شمرانہ عرف شيطان جي ناني، ڇاپو ستون، ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ، ص14.
9. بيگ مرزا قيلچ، 2018ع ٻہ جاڙا ڀائر، ڇاپو ستون، ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ، ص28.
10. بيگ مرزا قيلچ، 2018ع ٻہ جاڙا ڀائر، ڇاپو ستون، ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ، ص**35**.
11. بيگ مرزا قيلچ، 2018ع شهزادي محبوب جي آکاڻي، ڇاپو ستون، ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ، ص28.
12. بيگ مرزا قيلچ، 2018ع شهزادي محبوب جي آکاڻي، ڇاپو ستون، ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ، ص31.